پروفيسر محمد سليم ميمڻ

# مادري ٻولين جو عالمي ڏينهن ۽ سنڌي ٻولي


***Abstract:***

**(International Mother Language Day & Sindhi Language)**

*Languages, with their complex implications for identity, communication, social integration, education and development, are of strategic importance for people and planet. Yet, due to globalization processes, they are increasingly under threat, or disappearing altogether. When languages fade, so does the world's rich tapestry of cultural diversity. Opportunities, traditions, memory, unique modes of thinking and expression — valuable resources for ensuring a better future.*

*International Mother Language Day has been observed every year since 2000 to promote linguistic and cultural diversity and multilingualism. Apart from other countries, this day is being celebrated every year in Sindh also, but not with that enthusiasm, in which it should have been Sindhi's have also struggled a lot for upliftment of their language. Despite of that fact it was declared as official language of Sindh Province, and as per act, it is to be taught as a compulsory subject from class III i:e Primary to class XII i:e intermediate, but unfortunately that section of the act is not being implemented. Due to untrained & less educated persons working in T.V. channels and Sindhi newspapers, as a journalist and writers, the standard of language is being detoriated day by day, which is grave concern of Sindhi intellectuals.*

*This paper is critical analysis of all above facts regarding languages of the world and background of International Mother Language Day.*


**هر** سال ٢١ فيبروري تي ذري گهٽ سڄي دنيا ۾ مادري ٻولين جو عالمي ڏينهن ملهايو ويندو آهي. پاڪستان ۾ به اهو ڏينهن ملهايو وڃي ٿو، پر ان اتساهه سان نه ٿو ملهايو وڃي، جنهن اتساهه سان ملهائڻ گهرجي. سنڌ جا علمي ادبي ادارا جن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، سنڌي ادبي بورڊ، يونيورسٽين جا سنڌي شعبا، ثقافت کاتو ۽ ٻيا اهڙا ادارا، جن جو سنڌي ٻولي سان سنئون سڌو تعلق آهي، تن کي اهو ڏينهن ان جوش جذبي ۽ ولولي سان ملهائڻ گهرجي، ته جيئن ٻوليءَ جي واڌاري ۽ سُڌاري لاءِ ڪارائتا ۽ مثبت اُپاءُ وٺي سگهجن.





ٻولين جو عالمي ڏينهن ملهائڻ جو رواج ڇو پيو؟ ان لاءِ ڪنهن جاکوڙيو؟ قربانيون ڏنيون؟ اهو هڪ اهم سوال آهي. ان جو پسمنظر اوڀر پاڪستاني بنگالين جون ڏنل قربانيون آهن. انهن قربانين جي شروعات بنگالي ٻوليءَ کي قومي ٻولي قرار نه ڏيڻ سان ٿي، پر اڳتي هلي انهن قربانين، کين بنگلاديش جي صورت ۾ هڪ آزاد ۽ خودمختيار ملڪ ڏياريو. مون کي چڱي ريت ياد آهي ته جڏهن اسين ننڍا هئاسون ته ڪنهن ڳالهه لاءِ، ڪاڏي پيتي جي معاملي ۾ حرص يا هٻڇ ڪرڻ يا لوسپائي ڪرڻ تي اسان کي چيو ويندو هو ته: 'صفا بکيو بنگالي آهي.'

'بُکيو بنگالي' اسان جي ٻوليءَ ۾ ڪنهن پهاڪي يا محاوري جي صورت اختيار ڪري ويو. جيتوڻيڪ پهاڪو ڪنهن به ٻولي ۽ ادب ۾ سمايل ۽ لڪل ڏاهپ جو اهڃاڻ هوندو آهي، جنهن جو سماجي يا تاريخي پسمنظر هوندو آهي ۽ عوام جي تجربن مشاهدن ۽ مفروضن تي ٻڌل هوندو آهي.

'بُکئي بنگالي' جو اصطلاح، هڪ پاسي بنگالين جي غربت ۽ هيٺائي جي عڪاسي ڪندڙ هو، ته ٻئي پاسي اسان جي سماج جي معاشي ۽ مٿيرائين واري سماجي سطح جي عڪاسي پڻ ڪندڙ هو.

بنگالي، جيڪي اسان جي ملڪ جي اڪثريتي صوبي جا رهواسي هئا، بلڪ سندن آدمشماري، پاڪستان جي باقي چئني صوبن کان وڌيڪ هئي. تن کي اولهه پاڪستان هميشه هڪ بيئنڪيت جو درجو ڏنو ۽ ڪڏهين به کين برابريءَ وارا حق حاصل نه ٿيا.

**مادري ٻولين جي ڏينهن کي عالمي سطح تي ملهائڻ جو پسمنظر:**

پاڪستان ۽ ڀارت ١٩٤٧ع ۾ برطانوي راڄ کان آزادي حاصل ڪئي. هندستان ٻن ڀاڱن ۾ پر حقيقت ۾ ٽن ڀاڱن ۾ ورهائجي ويو. ورهاست وقت پنجاب ۽ بنگال به اهڙا صوبا هئا، جيڪي ورهاست جي ور چڙهي ويا. بنگال جي ورهاست ۾ اولهندو ڀاڱو ڀارت جي حوالي ٿيو. جڏهن ته اوڀر بنگال پاڪستان جي حصي ۾ آيو. جنهن کي اوڀر پاڪستان جو نالو ڏنو ويو، جڏهن ٻين چئن صوبن کي اڳتي هلي ون يونٽ ٺاهي اولهه پاڪستان جو نالو ڏنو ويو. اولهه پاڪستان ۽ اوڀر پاڪستان ۾ ١٦٠٠ ڪلوميٽرن جو مفاصلو هو، وچ ۾ ڀارت هو، اهڙيءَ ريت هندستان ٽن ڀاڱن ۾ ورهائجي ويو. ٻه ڀاڱا پاڪستان جي حصي ۾ آيا، ڪجهه ايراضيون تڪراري بڻجي ويون، جن ۾ حيدرآباد دکن، جهوناڳڙهه ۽ ڪشمير شامل آهن. حيدرآباد دکن ۽ جهونا ڳڙهه طاقت جي زور تي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڀارت پنهنجي قبضي هيٺ آندا. جيڪي جاگرافيائي طور تي پاڪستان جو حصو بڻجي نه پئي سگهيا، جڏهن ته ڪشمير اڄ ڏينهن تائين ٻنهي ملڪن جي وچم تڪرار ۽ ڇڪتاڻ جو سبب بڻيل آهي.

پاڪستان جي وجود ۾ ايندي ئي اوڀر بنگال (اوڀر پاڪستان) جي رهواسين جيڪي سئو(١٠٠) سيڪڙو بنگالي ٻولي ڳالهائيندڙ هئا، تن گهُر ڪئي ته بنگاليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏنو وڃي، ڇاڪاڻ ته ٻولي ڪنهن به قوم جي سڃاڻپ، سماجي جوڙجڪ ۽ هم آهنگي، تعليم، ترقي ۽ ثقافت کي هٿي وٺرائڻ ۾ بنيادي ۽ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي.

پاڪستان سرڪار فيصلو ڪيو ته اردو پاڪستان جي قومي ٻولي هوندي، اها ڳالهه اوڀر پاڪستان جي بنگالين کي نه وڻي ۽ هنن پنهنجي ٻوليءَ کي اهميت ڏيارڻ لاءِ ٦ ڊسمبر ١٩٤٧ع کان تحريڪ هلائڻ شروع ڪئي، جنهن جي اڳواٽي پروفيسر ابو القسيم ڪئي، ان موقعي تي اوڀر پاڪستاني شاگردن جو هڪ وڏو انگ ڍاڪا يونيورسٽيءَ جي ڪيمپس ۾ گڏ ٿيو ۽ گهُر ڪئي وئي ته بنگالي کي به قومي ٻوليءَ جو درجو ڏنو وڃي. يعني پاڪستان کي ٺهي اڃان ڇهه مهينا به نه ٿيا هئا ته ان تحريڪ زور وٺڻ شروع ڪيو. ڊسمبر جي آخري ڏينهن ۾ 'راشٽريا ڀاشا، سنگرام پريشد' (ٻولي ايڪشن ڪاميٽي) جو قيام عمل ۾ آيو، جنهن جو ڪنوينر پروفيسر نور الحق ڀايان مقرر ٿيو.

ڪراچيءَ ۾، جيڪو وفاقي گادي جو شهر هو، قومي اسيمبليءَ جي اجلاس هلندي ١٣ فيبروري ١٩٤٨ع تي قانون ساز اسيمبليءَ ۾ اها رٿ پيش ڪئي وئي ته:
”اسيمبليءَ جا ميمبر اجلاس دوران انگريزي يا اردو ٻولي ۾ ڳالهائيندا.“(١)

”اوڀر پاڪستان جي ڪانگريس پارٽي جي قومي اسيمبليءَ جي هڪ ميمبر ڌريندر ناٿ دتا، هڪ ترميمي رٿ پيش ڪئي ته بنگلا کي به قانون ساز اسيمبليءَ جي ٻولي طور منظور ڪيو وڃي. هن چيو ته پاڪستان جي ٦ ڪروڙ ٩٠ لک جي آبادي مان ٤ ڪروڙ ١٠ لک جو تعلق اوڀر پاڪستان سان آهي، جن جي مادري ٻولي بنگالي آهي. مرڪزي اڳواڻن جن ۾ پاڪستان جو وزير اعظم لياقت علي خان ۽ اوڀر بنگال جو وڏو وزير خواجا ناظم الدين شامل هئا ان رٿ جي سخت مخالفت ڪئي.“(٢)

ان مخالفت سبب بنگالين سخت ردِعمل جو اظهار ڪيو، جن ۾ سياستدان، شاگرد، ڏاها ۽ عام ماڻهو شامل هئا. ان جي ردِعمل ۾ ١١ مارچ ١٩٤٨ع تي اوڀر بنگال جي





سيني شهرن ۾ هڙتال ڪئي وئي. جواب ۾ حڪومت اهم اڳواڻن جن ۾ قاضي غلام محبوب، صولت علي، علي احمد، شمس الحق، شيخ مجيب الرحمٰن، عبدالوحيد، عبدالمتين ۽ عبدالمالڪ اوڪل کي گرفتار ڪيو ويو. جنهن جي ردِعمل ۾ ١١ مارچ کان ١٥ مارچ تي ڀيهر هڙتال ڪئي وئي.

پاڪستان جي گورنر جنرل محمد علي جناح ١٩ مارچ ١٩٤٨ع تي ڍاڪا جو دورو ڪيو ۽ اتي ٻن گڏجاڻين کي خطاب ڪيو. ٻنهي گڏجاڻين ۾ هن عوام ڀاران بنگلا / بنگاليءَ کي قومي ٻولي قرار ڏيڻ واري گهُر کي رد ڪندي فقط اردو کي پاڪستان جي قومي ٻولي قرار ڏيڻ جو اعلان ڪيو، جنهن موجب اردو کي اوڀر ۽ اولهه پاڪستان جي قومي ٻوليءَ جو درجو حاصل ٿي ويو. ان اعلان جو سخت ردِعمل ٿيو ۽ ٻوليءَ جي تحريڪ سڄي اوڀر پاڪستان ۾ پکڙجي وئي. اوڀر پاڪستانين جو مسلم ليگ تان اعتماد کڄي ويو ۽ 'عوامي مسلم ليگ' جي نالي سان هڪ نئين سياسي جماعت جنم ورتو، جيڪا ١٩٤٩ع ۾ مولانا عبدالحميد خان ڀاشانيءَ جي اڳواٽيءَ ۾ 'عوامي ليگ' جي نالي سان مشهور ٿي.

١١ مارچ ١٩٥٠ع تي عبدالمتين جي سربراهي ۾ ڍاڪا يونيورسٽي ٻولي ايڪشن ڪاميٽي قائم ٿي. انهن ڏينهن ۾ اوڀر پاڪستان ۾ پرماريت ڏينهون ڏينهن وڌندي وئي.

٢٧ جنوري ١٩٥٢ع تي اوڀر بنگال جي وڏي وزير خواجا ناظم الدين ڍاڪا ۾ هڪ عام گڏجاڻي ۾ ان ڳهه کي وري ورجايو ته اردو ملڪ جي اڪيلي قومي زبان هوندي. ان جو به سخت ناڪاري ردِعمل ٿيو ۽ شاگردن 'راشٽريا ڀاشا بنگلا چاهي' (اسان کي بنگالي قومي ٻولي طور کپي.) جو نعرو بلند ڪيو. ان ڪانپوءِ ٣٠ جنوري تي ڍاڪا يونيورسٽيءَ ۾ زبردست هڙتال ٿي ۽ ڪارو ڏينهن ملهايو ويو.

٣١ جنوري ١٩٥٢ع تي مختلف ثقافتي ۽ سياسي تنظيمن مولانا ڀاشاني جي صدارت ۾ سيني سياسي جماعتن تي ٻڌل مرڪزي ٻوليءَ جي ايڪشن ڪاميٽي جوڙي. جنهن جو ڪنوينر قاضي غلام محبوب کي چونڊيو ويو. ڪاميٽي ٢١ فيبروري ١٩٥٢ع تي هڙتال جو سڏ ڏنو ۽ جلوس ڪڍي احتجاج ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. پاڪستان سرڪار ڍاڪا شهر ۾ قلم ١٤٤ لاڳو ڪيو ۽ هر قسم جي مظاهرن ۽ احتجاج تي پابندي مڙهي ڇڏي. ٻولي ڪاميٽي ٢٠ فيبروري تي پنهنجي گڏجاڻي ڪوٺائي، قلم ١٤٤ جي ڀڃڪڙي جو فيصلو ڪيو ۽ ٢١ فيبروري تي ڍاڪا يونيورسٽيءَ جي ڪيمپس ۾ مظاهري

جو اعلان ڪيو. ڍاڪا يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر، استادن، اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جا هزارين شاگرد يونيورسٽيءَ جي ڪيمپس جي ميدان ۾ گڏ ٿيا. هٿياربند پوليس يونيورسٽيءَ جي گيٽ ٻاهران بيٺل رهي، شاگردن نعرا هڻندي پوليس کي ڌڪي ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اوچتو پوليس شاگردن تي ڳوڙها آڻيندڙ گيس جا فائر ڪيا. جڏهن صورتحال پوليس جي ضابطي کان نڪري وئي ته هنن شاگردن تي سڌي فائرنگ ڪئي، نتيجي ۾ شاگرد عبدالجبار، عبدالبرڪت، عبدالسلام، رفيق الدين ۽ ٻيا ڪيترا ئي شهيد ٿي ويا. جن ۾ نون سالن جي ڄمار جو اُوهي الله به شامل هو. ٢٣ فيبروري١٩٥٢ع تي ان ماڳ تي ٻوليءَ جي شهيدن جو يادگار قائم ڪيو ويو، جيڪو پختو نه هو، جنهن کي اڳتي 'شهيد ميناز' جي نالي سان يادگار اڏيو ويو.

١٦ فيبروري تي تحريڪ، پاڪستان جي قانون ساز اسيمبليءَ تي دٻاءُ وجهندي اردو سان گڏ بنگاليءَ کي به قومي ٻوليءَ جو درجو ڏياريو.(٣)

١٩٥٢ کان وٺي هر سال اوڀر پاڪستان (هاڻوڪي بنگلاديش) ۾ ٻوليءَ جي تحريڪ جو ڏينهن هڪ ثقافتي ڏڻ طور ملهايو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ پاڪستان سرڪار ١٩٥٦ع ۾ بنگلہ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيئي ڇڏيو. ريڊيو ۽ ٽيلويزن تان بنگاليءَ ۾ خبرون نشر ٿيڻ لڳيون. پاڪستاني نوٽن تي بنگالي ٻولي به لکجڻ لڳي. پر ان وقت تائين گهڻي دير ٿي چڪي هئي، دلين ۾ جيڪي ويڇا پئجي ويا هئا، سي نفرتن ۾ بدلجي ويا هئا.

"١٦ ڊسمبر ١٩٧١ع تي بنگلاديش جي آزاد ٿيڻ کان پوءِ ان ڏينهن کي 'ٻولي جي تحريڪ جو ڏينهن' يا 'شهيدن جي ڏينهن' طور ملهايو وڃي ٿو. ان ڏهاڙي کي ملهائڻ سان گڏوگڏ هر سال (Omer Ekushe Grantha mela) پڻ ملهايو وڃي ٿو.

اهو ڪتابن جو نماءُ هوندو آهي، جيڪو سڄو مهينو هلندو آهي. جڏهن ته Ekushe Podok هڪ اعليٰ شهري اعزاز آهي. جيڪو شهيدن جي ياد ۾ هر سال بهترين ادب جي ايوارڊ طور ڏنو ويندو آهي."(٤)

١٩٩٨ع جي نائين جنوري تي ڪئناڊا جي شهر وينڪوئر ۾ رهندڙ بنگلاديشي شخص رفيق الاسلام گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل ڪوفي عنان کي ان ڏس ۾ خط لکي، ان ڏينهن کي عالمي سطح تي ملهائڻ جي درخواست ڪئي.





"گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي، يونيسڪو (گڏيل قومن جي تعليمي، سائنسي ۽ ثقافتي تنظيم) ۾ ٺهراءُ ٦٢/٣٠٠، جي سفارشن جي روشني ۾ پنهنجي هڪ ٺهراءُ نمبر A/RES/٥٦/٢٦٢ موجب سن ٢٠٠٠ کان هر سال ٢١ فيبروري تي مادري ٻولين جو عالمي ڏينهن ملهائڻ جو فيصلو ڪيو ته جيئن دنيا جي مختلف ملڪن جي ثقافت ۽ ٻولين ۾ هم آهنگي پيدا ڪئي وڃي."(٥)

"يونيسڪو ٺهراءُ ۾ سيڪريٽري جنرل کي درخواست ڪئي وئي ته ان رٿ کي جنرل اسيمبليءَ جي اٺونجاهين اجلاس ۾ پيش ڪري ميمبر ملڪن تي زور ڀريو وڃي ته ان ڏينهن کي عالمي سطح تي ملهايو وڃي. گڏوگڏ سڄي دنيا ۾ ڳالهائيندڙ ٻولين جي ترقي، واڌاري ۽ تحفظ لاءِ جوڳا اپاءَ ورتا وڃن."(٦)

ان تحريڪ سان دنيا ۾ نه فقط ٻولين جي مسئلن بابت جاڳرتا پيدا ٿيندي، بلڪ مختلف ملڪ پنهنجي ٻوليءَ کي جٽادار بنائڻ، ان ۾ گوناگونيت پيدا ڪرڻ ۽ دنيا جي ٻين ٻولين سان ويجهي ٿيڻ ۾ پڻ اهم مقام حاصل ڪري سگهندا.

گڏيل قومن طرفان هر سال مادري ٻولين جي عالمي ڏينهن يعنيٰ ٢١ فيبروري تي ڪنهن نه ڪنهن موضوع جو اعلان ڪيو ويندو آهي. ٢٠١٧ع جي سال بنگلاديش جي لائبريري ائسوسيئيشن ۽ يونيسڪو جي ڪميشن 'سڊني' 'آسٽريليا جي مادري ٻولين جي تحفظ جي تنظيم' گڏجي هڪ عالمي سيمينار جو انتظام ڪيو، جنهن ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو ته دنيا جي هر ملڪ جي لائبريري ۾ ان ڏهاڙي کي ملهائيندي Ekushe ڪارنر قائم ڪيا ويندا. ٢٠١٨ع واري سال جو موضوع هو:

"Linguistic diversity and Multilingualism count for sustainable development."(7)

هن سال ٢٠١٩ع ۾ گڏيل قومن طرفان ٢١ فيبروري تي نهايت ئي دلچسپ وڻندڙ ۽ ٻولين جي اهميت کي اجاگر ڪندڙ موضوع رکيو ويو. اهو موضوع هو: "ڇا توهان جي مادري ٻولي ۾ توهان کي وڻندڙ ڪا دلچسپ چوڻي يا پهاڪو آهي؟' جي ها ته اهو گڏيل قومن کي ڏياري موڪليو. پهاڪو يا چوڻي اهڙو هجي جيڪو امن پائيپي، تڪرار نبيرڻ ۽ سجاڳي جو پيغام ڏيندڙ هجي. دنيا جي مختلف ملڪن مان ملندڙ پهاڪن ۽ چوڻين مان وڻندڙ ۽ اثرائتن پهاڪن جي چونڊ ڪري ان کي شايع ڪيو ويندو."(٨)

مٿين ٽن سالن جي مختلف موضوعن مان اوهان اندازو لڳائي سگهو ٿا ته



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مادري ٻولين جي عالمي ڏينهن جي موقعن تي ٻوليءَ جي اهميت، سڌاري، واڌ ويجهه ۾ انهن کي جٽادار بنائڻ لاءِ عالمي سطح تي ۾ عالمي ادارا ڪهڙو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن؟

ٻوليون ڪنهن به قوم يا ثقافت جون سڃاڻپ هونديون آهن. جن وسيلي ڌرتي جا رهواسي پنهنجي سڃاڻپ، مواصلات، ثقافت، سماجي هم آهنگي تعليم ۾ ترقي لاءِ ان کي ڪتب آڻين ٿا. دنيا جي حيثيت هاڻي هڪ عالمي ڳوٺڙي جي حيثيت اختيار ڪندي پئي وڃي، جنهن جي نتيجي ۾ ٻوليون هڪ ٻئي کي متاثر ڪري رهيون آهن. ايئن جيئن سنڌ ۾ اردو ۽ انگريزي ٻوليون سنڌي تي اثرانداز ٿي رهيون آهن.

دنيا ۾ ڳالهائيندڙ اٽڪل ٦٩٠٩ ٻولين مان اٽڪل پنجاهه سيڪڙو ٻوليون ايندڙ ڪجهه نسلن تائين قائم رهي سگهنديون. دنيا جي فقط ڪجهه سئو ٻولين کي اهو اعزاز حاصل آهي، ته ان ٻولين ۾ تعليم ڏني وڃي ٿي، جن ۾ سنڌي ٻولي به شامل آهي، جڏهن ته سئو کان به گهٽ ٻوليون آهن، جيڪي ڊجيٽل دنيا ۾ واهپي ۾ اچي رهيون آهن.

٢٠٠٠ع کان ملهائجندڙ مادري ٻولين جو عالمي ڏينهن جي تاريخي پسمنظر جيتوڻيڪ افسوسناڪ ڇرڪائيندڙ آهي، پر گڏوگڏ اُتساهيندڙ پڻ آهي. بنگال جي نوجوان ٻارن، پروفيسرن توڙي عام شهرين پنهنجي ٻولي کي سرڪاري حيثيت ڏيارڻ لاءِ جيڪا تحريڪ هلائي ۽ قربانيون ڏنيون تنهن جي جواب ۾ ڪين عالمي مڃتا ملي ۽ بنگالي شاگرد عبدالجبار پنهنجي ڇاتيءَ تي ڦهرين گولي کائي نه فقط شهادت جو درجو ماڻيو، بلڪ پنهنجي ٻوليءَ کي ڏيهان ڏيهي حيثيت ڏياري.

مادري ٻوليءَ کي قومي ٻولي ڏيارڻ لاءِ سنڌ اسيمبليءَ ٺهراءُ منظور ڪيا آهن. بلڪ ٢٠١٣ع جي چونڊن ۾ نواز ليگ جي منشور ۾ شامل هو ته علاقائي ٻولين کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏنو ويندو. چونڊون کٽڻ کان پوءِ اهو معاملو قومي اسيمبليءَ جي اطلاعات، نشريات ۽ لوڪ ورثي جي اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ جي حوالي ڪيو ويو، جنهن ملڪ جي مختلف ادارن ۽ شخصيتن کي ١٣ مارچ ٢٠١٤ع تي اسلام آباد ۾ هڪ گڏجاڻيءَ ۾ گهرايو ۽ ڪين چيو ته هُو دليلن سان اهو ثابت ڪن ته سنڌن ٻولي، قومي ٻولي ٿيڻ لاءِ ڪهڙيون خاصيتون ۽ صلاحيتون رکي ٿي. سنڌ مان جن چئن ادارن جا عيوضي ويا، تن مان به شامل هئس. سڄي ڏينهن جي بحث مباحثي کان پوءِ، جنهن ۾ مختلف ٻولين جي ٣٥ ماهرن شرڪت ڪئي، قومي اسيمبليءَ جي اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ متفقه طور تي اهو ٺهراءُ بحال ڪيو ته پاڪستان جي سڀني ٻولين کي قومي ٻولي قرار ڏنو وڃي.





پاڪستان جي قومي اسيمبليءَ جي اطلاعات نشريات ۽ لوڪ ورثي جي اسٽينڊنگ ڪاميٽي جو اهو ٺهراءُ، قانون واري وزارت کي وڃڻو هو ۽ غلطي سان قومي اسيمبليءَ جي قانون بابت اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ جي حوالي ٿي ويو. جن نهايت ئي غير ذميداري جو مظاهرو ڪندي، ان جو جائزو ورتو ۽ اطلاعات ۽ نشريات جي اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ جي سفارش کي رد ڪندي قومي اسيمبليءَ ۾ رپورٽ پيش ڪئي، جيڪا قومي اسيمبلي منظور ڪري ڇڏي. جيڪڏهن ملڪ جي قانون ساز ادارن جو اهو حال آهي ته باقي ادارن جو ڇا حال هوندو؟

سنڌ سرڪار، سرڪاري اسڪولن ۾ استادن جي ڀرتين ۾ جيڪي بدعنوانيون ڪري رهي آهي، ان جي نتيجي ۾ نالائق استاد ڀرتي ٿي رهيا آهن. اسڪولن ۾ گهوسڙو استادن جو تعداد ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي، پڙهائي جو معيار ڪري رهيو آهي. سنڌي ٽي وي چينلن سنڌي ٻوليءَ جي ٻيڙي ٻوڙڻ کان ڪين گهٽايو آهي. ساڳيو حال ذري گهٽ اخبارن جو پڻ آهي.

**نتيجو**:

١. سنڌي مادري ٻولي جي نصاب کي بهتر بنائڻ لاءِ اپاءَ ورتا وڃن.

٢. سنڌي استادن جي مقرري کان پوءِ ۽ ان لاءِ خاص سکيائي ڪورسن جو انتظام ڪيو وڃي.

٣. اخبارن ۽ ٽي وي جي صحافين، ڊرامانگارن ۽ ٻئي علمن جي ٻولي سڌارڻ لاءِ سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو ڪورسن جو انتظام ڪري.

٤. سنڌي ٻولي جي بل ١٩٧٢ع سنڌ ايڪٽ ۾ ڄاڻايل مقصديت تي ڀرپور ۽ اثرائتي نموني عمل ڪرايو وڃي.

## حوالا

١. ڊان اخبار، بيسنر هيڊلائين، ١٤ فيبروري، ١٩٤٨ع، ص: ١.
2. www.banglapedia.org.
3. Mutiullah Qazi, 'Language movement', Universal Prints Dacca, 1973, P: 13-17.
4. Ibid, P: 21.
5. Draft Report of Commission-II General Conference, 30th Session, Paris, 1999, Dated 16.11.1999.
6. Resolution of General Assembly of United Nation A/RES/562/, Dated April 9 -2002 (Para- II).
7. https://en.wikpiedia.org/wiki/international-Mother-Language-Date.
8. https://www.un.org/en/envents/motherlanguageday/.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair